SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1972

سنڌ ڪرمنل لا (ترميم) (ڪيسن جي منتقلي جي توثيق) آرڊيننس، 1972

THE SINDH CRIMINAL LAW (AMENDMENT) (VALIDATION OF TRANSFER OF CASES) ORDINANCE, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII جي توثيق
Validation of West Pakistan Act VII of 1963

3. 1971 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1971

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1972

سنڌ ڪرمنل لا (ترميم) (ڪيسن جي منتقلي جي توثيق) آرڊيننس، 1972

THE SINDH CRIMINAL LAW (AMENDMENT) (VALIDATION OF TRANSFER OF CASES) ORDINANCE, 1972

[10 جون 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، 1963 تحت ڪيسن جي منتقلي جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، 1963 تحت ڪيسن جي منتقلي جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪرمنل لا (ترميم)

(ڪيسن جي منتقلي جي توثيق) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ 13 فيبروري 1971 کان لاڳو ٿيندو.

شروعات
Short title and commencement

2.اهي سمورا ڪيس جيڪي اولهه پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، 1963 مطابق ٽريبيونلس ڏانهن رجوع ڪيا ويا آهن تہ جيئن ڪو فيصلو ڪيو وڃي ۽ ٽريبيونلس ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ڏانهن ڪيس متعلق پنهنجا ڪڍيل نتيجا نہ موڪليا آهن، ۽ جيڪي منتقل ڪيا ويا آهن، جيڪي حدن ۾ ايندڙ ڏوهہ ٻڌندڙ ڪورٽن ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن تہ جيئن انهن جي انڪوائري ڪئي وڃي يا ڪيس هلايا وڃن، صورتحال جيئن بہ هجي، انهن ڪيسن سان لاڳو ٿيندڙ قانون جي روشنيءَ ۾ سمجهيو ويندو تہ اهي درست نموني سان 13 فيبروري 1971 کان منتقل ڪيا ويا آهن، ۽ انهن تي جيڪا انڪوائري ٿيندي يا ڪيس هلندو، ڪو ڏنڊ مڙهيو ويندو، جا ضبطگي عمل ۾ آندي ويندي، ڪا سزا ڏني ويندي، ڪو حق ڏنو ويندو يا ان تي ڪا ذميواري عائد ٿئي ٿي، جيڪا ڪيس جي اهڙي تبديليءَ جي نتيجي ۾ هوندي تہ سمجهيو ويندو تہ فيصلو، ڪا سزا، ڪا ضبطگي يا ڪو ڏنڊ، حقن جي وصولي يا ذميواري، صورتحال جيئن بہ هجي اها درست آهي.

1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII جي توثيق
Validation of West Pakistan Act VII of 1963

3.اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، (منسوخي) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1971 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

1971